# مهراڻ

جلد 28] [نمبر 2

اپريل، مئي ۽ جون
1979ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي
مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
ڊاڪٽر غلام علي الانا
سيد شاهه محمد شاهه شاد

مئنيجنگ ايڊيٽر
ظفر حسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر
نفيس احمد شيخ (ناشاد)

قيمت في پرچو 6-00 رپيا سالياني قيمت 20-00 رپيا



سنڌي ادبي بورڊ
سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس، ڄامشورو سنڌ.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سٽا

● — ڳالھ ٻول

## شاعري


1. مخدوم محمد زمان طالب المولى — 7
2. عطا محمد حامي — 9
3. استاد بخاري — 10
4. حافظ محمد احسن — 11
5. سليم ڳاڙهوي — 12
6. عبدالله خواب — 13
7. رحيم بخش قمر — 15
8. عبدالڪريم ٻلي — 17
9. عنايت بلوچ — 18
10. نواز علي شوق — 19
11. شيخ عبدالرزاق راز — 20
12. احمد خان آصف — 21
13. خاڪي جويو — 21
14. تاج جويو — 22
15. امداد چانڊيو — 23
16. نصير مرزا — 24
17. انور هالائي — 25
18. بشير احمد شاد — 26
19. عاجز اڄڻ — 26
20. سوز هالائي — 27
21. شفيع چانڊيو — 27
22. ذوالفقار سيال — 28
23. سارنگ — 28
24. زيب ٻٽي — 29
25. اياز گل — 30
26. مهر پروين — 30
27. مرحب قاسمي — 31
28. تهمينہ مفتي — 31
29. نورالهديٰ شاھ — 32
30. شاني — 32
31. عابد مظهر — 33
32. عزيز مهرائوي — 33
33. محمد رمضان ڪمبوہ زلفي — 34
34. مولوي عبدالڪريم لغاري — 35
35. نثار بزمي — 36
36. ناظم منگي — 37
37. محمد اسحاق راهي — 38
38. مير محمد پيرزادو — 39
39. بردو سنڌي — 40


Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| 1. ٻاڙي ناهه ٻروڙ | ـ بادل جمالي | 41 |
| 2. هُو | ـ مشتاق ڪاملاڻي | 48 |
| 3. دوا ۽ درمل | ـ غلام نبي ڏيپر | 51 |
| 4. حيدرآباد وارو ستين جو آستان [ڳالهه] | ـ حبيب الله رحيم بخش مرزا | 53 |
| 5. جنين ڪاڻ مَيّاس [روسي ڪهاڻي] | ـ انٽونَن چيخوف | 61 |
| 6. وقت جي واپسي [امريڪي ڪهاڻي] | ـ اي . برئڊ بري | 62 |
| 7. تان ڪي ڏونگر ڏوريان [آتم ڪهاڻي ـــ 2] | ـ محمد صادق ميمڻ | 76 |


## مضمون


| | | |
|---|---|---|
| 1. محمد اسماعيل زونر | ـ پير علي محمد راشدي | 100 |
| 2. من موهيندڙ سنڌ | ـ ممتاز راشدي | 106 |
| 3. قاضي قادن ـــ 3 | ـ عبدالڪريم سنديلو | 115 |
| 4. سنڌي ٻوليءَ جو مزاج | ـ غلام علي الانا | 124 |
| 5. علامہ 'تارڪ' جي فارسي عشقيہ شاعري | ـ سيد شاهہ محمد شاهہ | 140 |
| 6. سنڌيءَ ۾ فعل ـ ڌڙن (Verb Stems) جي بناوت | ـ ايم . ڪي . جيٽلي | 145 |
| 7. خيرپور جا سري بلوچ | ـ عطا محمد حامي | 173 |
| 8. سنڌ ۾ خطاطيءَ جي شروعات | ـ حامد علي خانائي | 178 |


## دائمي فيچر


| | |
|---|---|
| 1. تبصرا: | 187 |



[Only Cover Printed at Anjum Art Press, Hyderabad.]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

"در شرح شطحيات شيخ روزبهان بقلي آورده است: بايزيد گويد كہ من از ابوعلي علم فنا در توحيد مي آموختم و ابوعلي از من الحمد و قل هوالله."

مطلب تہ روزبهان بقلي پنهنجي تاليف شرح شطحيات ۾ آندو آهي تہ ابوعلي سنڌي بايزيد بسطاميءَ جي استادن مان آهي. بايزيد چيو آهي تہ مون توحيد ۽ فنا وارو علم (وحدت وجود) ابوعلي کان سکيو ۽ ابوعلي مون کان الحمد ۽ قل هوالله سکيو.

---

رسالي مهراڻ جي وقت سر پڌري نہ ٿيڻ جي ان جي پڙهندڙن وٽان پڇا ڳاڇا ٿي پئي آهي. هن بابت جڏهن انتظام جي سڀني حلقن مان جاچ ڪئي وئي تہ ان جو سبب ڪارڻ هي حقيقتون آڏو آيون: سنڌي ادبي بورڊ جي پريس ۾ دقيانوسي دور جون مشينون هلندي هلندي اچي ٿيون، جن مان هڪ تہ بنهہ بيڪار پڌائي وڃي ٿي. گل ڦل رسالو پنج هزار ڪاپيون درماهہ ڇپجي رهيو آهي، اهو بہ پراڻين مشنين ڪري چگو وقت وٺي ٿو. ٻئي پاسي هڪ ئي وقت پريس ۾ بورڊ جا اڪيچار ڪتاب ڇپجڻ لاءِ پهچندا رهن ٿا ۽ هيڏانهن مهراڻ رسالو بہ آهي. هرهڪ ڪتاب کي پاڳي مان وقت ملي ٿو، ان ڪري چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مهراڻ جي اشاعت ۾ دير ٿيو وڃي.

هاڻي انتظاميہ پاران انهيءَ شڪايت کي دور ڪرڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ گل ڦل کي آفسيٽ مشين تي ڇاپيو وڃي. ان طرح ان جي ڇپائيءَ جو معيار بلند ٿيندو ۽ ان ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ تصويرون بہ گهڻيون اينديون. اها ڇپائي هاڻي تہ ٻاهر ٿيندي، پر اشاعتي ڪم جي اڪلاءَ لاءِ هڪ آفسيٽ مشين بہ جلد خريد ڪئي ويندي. ٻيو تہ جن اڳين ڇاپيل ڪتابن جا ايڊيشن ڇپائڻا هوندا ۽ انهن جي صحت ۽ ڇپائي معياري هوندي تہ انهن کي بہ آفسيٽ تي ڇاپيو ويندو، ان طرح پراڻين مشينن تان گهڻو بار هلڪو ٿي پوندو. پوءِ اميد تہ مهراڻ جي پڙهندڙن کي ڪا شڪايت آڏو نہ ايندي.

هن سلسلي ۾ اداري پاران معياري مضمونن جي نہ پهچڻ جي شڪايت ڪئي وڃي ٿي. اميد تہ اسان جا اديب ۽ عالم قلمي تعاون ۾ وڌيڪ ڀرو وٺي، مهراڻ کي وقت سر پهچائڻ ۾ اسان جي مدد ڪندا.

غ-م-ق

Quarterly 'Mehran': A literary-cum-research journal Printed by Ghulam Rabbani A. Agro. at the Sindhi Adabi Board's Printing Press and Published by him from Sindhi Adabi Board, P. O. Box 12, Hyderabad Sind, Pakistan. (April, May, June 1979 issue).



مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، 19- اپريل 78ع تي
مسٽر محمود علي سي. ايم. ايل. اي جو صلاحڪار گهرو- اڏاوتن ۽ ورڪس
کي بورڊ جا ڪجهه ڪتاب تحفي طور ڏيئي رهيو آهي.



جنگ آزادي جي وطن جو جنرل محمد امين خان کوسو
ڊسمبر 79ع ۾ جنهن جي ورسي ملهائڻ جون
تياريون ٿي رهيون آهن.

* شاعري
* ڪهاڻيون
* مضمون
* تبصرا

## مخدوم محمد زمان طالب المولي غزل

•

آزاد هوندا هردم زلفِ دوتا جا قيدي،
خوشحال ٿي رهن ٿا صبر و رضا جا قيدي.

هر بيوفا هميشه آزاد هوندي پابند،
آهن رها سدائين مهر و وفا جا قيدي.

نَرُ ٿو نمائي ناٿو، اڄ پيا ضمير وڪجن،
ٿا نچندي ٽپندي ڏسجن، حرص و هوا جا قيدي.

ڦرندا سدا رهن ٿا، ڦرندا سدائين رهندا،
هر سنگدل جي در تي جورو جفا جا قيدي.

اول سي پيش ٿيندا، اڳ ۾ ٿـي بخشبا سي،
روزِ حساب يارو! جرم و خطا جا قيدي.

سرواڻ هوندي هردم پٺ تي پيل رهن ٿا،
هر دور ۾ هميشه شرم و حيا جا قيدي.

هر غم کان بالاتر برتر هي فڪر کان مٿرا،
خوشدل ۾ هو خوشتر ناز و ادا جا قيدي.

مولائي يار "طالب" آزاد دوجهان کان،
هردم ۾ هر پلڪ ۾ عشقِ خدا جا قيدي.

## عطامحمد حامي

## رباعيون

هر وقت گناهن ۾ گرفتار آهيون
سچ پچ ته جهنم جا سزاوار آهيون
پيو ڪوبه سهارو نه سُجهي ٿو موليٰ
بس تنهنجي ئي رحمت جا طلبگار آهيون

●

دنيا جي ڪشش تنگ ڪري ٿي مون کي
هر وقت بُرائي ڏي سڏي ٿي مون کي
شيطان جي ڦاني کان بچڻ جي خاطر
الله جي امداد کپي ٿي مون کي

●

صورت ۾ رکيو ڇاهي، جي سيرت ناهي
انسان فقط آهي حقيقت ناهي
بي سوچ ڏسڻ آهي اجايو حامي
ڪنهن ڪم جي بصارت جي بصيرت ناهي؟

●

مذهب تي لوان رنگ چڙهايل آهن
احڪام شريعت جا ستايل آهن
مومن ۽ مسلمان بڻايا موليٰ
فرقا هي سڀئي پوءِ جا ٺاهيل آهن

●

ظاهر ۾ اگر زهد سراپا آهين
باطن ۾ ته ابليس جو آقا آهين
جو عيب اگهاڙين ٿو ٻين جا زاهد
ڏس پنهنجي گريبان ۾ ته تون ڇا آهين

●

هٿ ڪن ٿا تڪبر ۽ وڏائي ڪن ٿا
پردي ۾ ڀلائي جي برائي ڪن ٿا
زاهد ٿا سڏيون جن کي آهي پي حامي
الله جي نالي ۾ ٺڳائي ڪن ٿا

●

ڏاڙهو ٿو لڳي گهر ۾ ڏسون ٿا يارو
لُڇجون ٿا مگر ڪين ڪڇون ٿا يارو
غيرت جو اهو حال اسان جو آهي
نڪ پنهنجو وڏائي به جيون ٿا يارو

آستاد بخاري

# سچ

سچُ آ حقُ، سو حقُ موجود آ،
سچُ هيو، هوندو، سچُ معبود آ،
سچُ ابد کان ازل.

سچُ جيڪو ٻڌائي چئو، ڳائيو،
جيستائين زمانو، سچو ڳائيو،
سچُ سمجهو سچل.

سچُ، سندو لهي، هيو سدائين وهي،
سچُ سُڪون آ، جي لهرَ ڪا لهي،
الٽ ايندي اٽل.

سچُ، هالار، ڏاڙهيار يا ڪمتر،
ڪوڙ، اوتر آثاري مڪر بي اثر،
جنگ جوڙ و جبل.

سچُ آ، سونُ، سو سونَ کي ڪٽُ ڪٿي:
مَٽُ چلڪي ئي پر، سونَ جو مَٽُ ڪٿي!
ڪوڙ، پيلو پتل.

سچُ سورج سمان، هر سمي چمڪندڙ،
واءَ تي موسمي، لڙڪندڙ، جهڙڪندڙ،
ڪُوڙ، ڪارو بدل.

سچُ ڪٿي ڪڙهي: پوءِ به سچُ ئي اڙهي،
سچُ سوري چڙهي: پوءِ به سچُ ئي اڙهي،
سچُ اڻ ٽر اجهل.

سچُ، سر-زندگي، زندگي جاودان،
ڪالهه جهڙڪا جوان، اڄ به ڪيرلا لوان،
ڪالهه، دولهون اجل.

حافظ محمد احسن چنا

## غزل

ڪر نوازش جي نظر، دلدار ڦيرو ڪين ڪج
ڏس اچي هيڪر هيءَ حالت زار ڦيرو ڪين ڪج

تنهنجي فرقت جي گهڙي هڪڙي به ڀانيان سال ٿو
اءِ وارث واڳ وهلو وار ڦيرو ڪين ڪج

منهنجي لئي توکان جدا جالڻ ٿيو ڏاڍو ڏکيو
قول پنهنجا تون پيارل پار ڦيرو ڪين ڪج

منهنجي عيبن ڏي نه ڏس، پر شان پنهنجي کي سڃاڻ
ڪر نه تون محبوب مون کان عار ڦيرو ڪين ڪج

ڀروسو ناهي حياتيءَ تي جدايون ڪين ڪر
زندگي جڻ ڏينهن ٿي ها چار ڦيرو ڪين ڪج

منهنجي حجت ناهه پر آزي نيازي ڪي ڏسي
مون مبارڪ مهلقا ڏيکار ڦيرو ڪين ڪج

تون حسينن جو شهنشاهه، مان سوالي ديد جو
ڪر اچي مون سان مٺي گفتار ڦيرو ڪين ڪج

مان سڄڻ تنهنجي غلامن جو به هان 'احسن' غلام
تون اچي ڏيکار هت ديدار ڦيرو ڪين ڪج

سليم ڳاڙهوي

نظم

# مون سان ڪو هلندو؟

آءٌ ھلان تو پيار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟
پيار سنهي سنسار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

ڏينهن ڏئي ٻه لڪ ۽ جهولا، راتيون ڪاريون ڪاريون،
چنڊ طرف، چمڪار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

ڏک جا ڏونگر ڏوري ڏوري، سک جي لڪري ڏسبي،
ڪاڪ ڪنڌيءَ، اسرار جي پاسي، سون ساڻ ڪو هلندو؟

پرت پرائڻ، پيار پرائڻ، ماڪ محبت پار پرائڻ،
صبر سهڻ، ايثار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

منصور جون ڪالهيون آهن، سر جو سالڪو لاهي،
درد پرائي دار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

هاوڙ آهه هواسن تي ۽ مولجهه ڪهڙي آ من تي،
هيج طرف، هٻڪار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

لنڍڙي پيڙي، واءُ اٿاٿو، چوڌس ٻه آهن چوليون،
آر ڇڏي، هُن پار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

ڪچ جون ڪوڏيون پوري جهوري، سچ جا ماڻڪ ماڻڻ،
جهول جهلي وڻجهار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

جنهن سان پختا روح جا رشتا، جنهن سان لينهن جا ناتا،
دلبر ڏي، دلدار جي پاسي، سون سان ڪو هلندو؟

عبدالله خواب — نظم

# ادبي تنقيد

ادب جو پاسبان ٻي لنگهه ڀي جيندو تہ ڇا ٿيندو،
ملوڪن کي سُڏيءَ ڪاتيءَ سان ڪو کهندو تہ ڇا ٿيندو.

لچوڙي لور جن پنهنجو عطا ڪيو علم الٽان کي،
الهن جو آيندو اولڊاهو ڀي رهندو تہ ڇا ٿيندو.

ادب جي زندگانيءَ جي ضمانت ناهه ڏيندڙ ڪو،
جڏن کي جنهن جيارو، سو مٺل رهندو تہ ڇا ٿيندو.

ڪني بيمار ٻي درمان، وٺا در ڪور ڀي دالا،
ضميرن جو رڳ احساس جي مرلو تہ ڇا ٿيندو.

اديبن شاعرن جو فڪر تازه تشنہ لب آهي،
انهن کي آب اجرت جو ڀيو ملندو تہ ڇا ٿيندو.

ڏنا ها حاڪمن جن کي، سڪا سولا تي سٽ سٽ تي،
الهن پادن، انهن قدرن کي ڪو رٿندو تہ ڇا ٿيندو.

ليڪن جيڪي لکن جي مٽ، ملي ڪوڏي لئي ڪنهن کي،
اجاره داري وارو انگ جي رهندو تہ ڇا ٿيندو.

ڏسو اهل قلم ڪي غير ملڪي ڪيئن ٿا ورسالين،
اسان جو مرڪزي ڪردار، جي ڪرلو تہ ڇا ٿيندو.

ڪتابِ دهر جا اوراق، جن جا مدح خوان آهن،
انهن جي پيروئن ڪو انقلاب آندو تہ ڇا ٿيندو.

رسالا جن جي شهپارن سندا اڄ ڀي گواه آهن،
الهن کي داد جو سڪو صيلو ملندو تہ ڇا ٿيندو.

ڪنهن کي جن بهار زندگي وارو قلم بخشيو،
انهن جي تازگي جو ماحصل ٻڌندو ته ڇا ٿيندو.

پري ايتن جا گل، دامن ادب ۾ سون پري خوشبو،
منجهس ڪو بغض جي بدبو ڪٿي وجهندو ته ڇا ٿيندو.

ثقافت جي ڳلن کي خون پنهنجي سان ڏنم سرخي،
انهن گلڙن کي مالهي ڪو وڃي لٽيندو ته ڇا ٿيندو.

ٻهالي ٻاز کي آهن ادارا سرپرستي جا،
انهن جي ٽڪ مان ورُ لاهڻ لئي ڪو ورلدو ته ڇا ٿيندو.

ڪنهن کي گل، گلن کي خار، ڏينهن کي رات، شب کي روز،
تجاهل عارفانه عقل جي مڃيندو ته ڇا ٿيندو.

ڪن، اکڙين، زبان ۽ ذهن، دل توڙي دماغن تي،
اثر هرهڪ تي هن جي، حرف جو پوندو ته ڇا ٿيندو.

هزارين هنر، بي هنريءَ جي پيا آهن تصادم ۾،
قلندر وقت جو وچ ۾ ڪٿي پوندو ته ڇا ٿيندو.

لڏڪا ٿي رهيا ڪهوڙا، ته غيابا ٿيا هموار،
ٿيا چڙواڪ چورا، ڪو جهلي وٺندو ته ڇا ٿيندو.

رُسي رب، مت ڪسي، واڻي توائي ٿو ڪري تنهنجي،
ڪهري جنهن کي، آهو عالي قدر ڪچندو ته ڇا ٿيندو

ٿي ڪهڙي باهمي تنظيم، ۽ تحريڪ ٿي ٿرٿون،
جي وياو ويو هتان مان، پوءِ جي ورلدو ته ڇا ٿيندو.

ڏسڻ جو 'خواب' پر تعبير جا آهن منجهس اڪتا،
مڃيندو آ مڙن کي، ڪيس ڪو مڃنه و ته ڇا ٿيندو.

رحيم بخش قمر

نظم

# مارئي جو خواب

گهڙا ڀَر ڪنڌي پاڻياريون ڏٺيون مون،
سَٽيون سيل واريون سنگهاريون ڏٺيون مون،
حيا، شرم، لڄ لهڻ واريون ڏٺيون مون،
ڀَتَن تي پنوهاريون پياريون ڏٺيون مون،

سنجهي ساڻ سالڪي سيالا ڏٺا مون،
اڃا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

سنگهارين ڪي سنگريون سٽيندي ڏٺو مون،
ڪا، ڀيرون، ڀَسيون ڀٽيندي ڏٺو مون،
۽ ڏؤرن سان ٽپڙا ڏٽيندي ڏٺو مون،
ڀلائن ڪان سَنهڙو سٽيندي ڏٺو مون،

لُٽار، لنب، لوڏڪ ۽ لاڻا ڏٺا مون!
اڃا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

امڙ ڪي ڏسي رات، روئي ڏٺو مون،
ڪندي ان سان ڪا بات، روئي ڏٺو مون،
ٻڌائيندي حالات، روئي ڏٺو مون،
ڏسي موت، ماسات، روئي ڏٺو مون،

لِڙر لٿي رُنا ٿي لماڻا ڏٺا مون!
اڃا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

مڪان ڪي، مڪهڙ ڪي، سٿ ڪي ڏٺو مون،
ميڻِ ڪي ۽ مربي، مکڻ ڪي ڏٺو مون،
رحيمان ۽ رحمت، رکڻ ڪي ڏٺو مون،
سياڳي ۽ ساران، سَجَڻ ڪي ڏٺو مون،

ڪندي خود ڪي مارن سان ماڻا ڏٺا مون!
اڃا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

ٻنن تي ٻٻيهن جا ٻيرا ڏٺا مون،
ڇپر، چولڙا، کهر کهيرا، ڏٺا مون،
۽ جهالڪين جا جهوٻا ججهيرا ڏٺا مون،
دڙن تي دلارن جا ديرا ڏٺا مون،
پنوهارن جا ٻڪڙا پراڻا ڏٺا مون!
اڄا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

ڏراڙڻ ۽ ڍورن، ڍڳن کي ڏٺو مون،
ڳنڍن توڙي ڏاندن ٻڪن کي ڏٺو مون،
مليڙ ۽ ساوڻ، ڪڪن کي ڏٺو مون،
ٿرن کي ۽ ٻڪرين، رڍن کي ڏٺو مون،
ڀٽن تي ڀتارن جا ڀاڻا ڏٺا مون!
اڄا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

ڳنڍيرن ۽ ڳوٺن ۾ ڳيرا ڏٺا مون،
چتون، جهرڪ، هيڙا ججهيرا ڏٺا مون،
۽ ٿلڙين تي ڀولڙن جا پهرا ڏٺا مون،
۽ ماڪيءَ جا ڳلڙن تي گهيرا ڏٺا مون،
ٻنن تي ڪي ٻوٽ ٻاڻا لاتا مون!
اڄا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

ٿرين کي ڏسي شاهه ٿي، مان چنڪيس اڄ،
ملي جيءَ جهارڻ مان جي، مان چنڪيس اڄ،
ڪٿيرين مان ڳنڍ ڪير ٿي، مان چنڪيس اڄ،
ڏسي ڏيهه ڏوٿين جو هي، مان چنڪيس اڄ،
ڪنهيون، ٻوهه، نوهن جا ٽاڻا ڏٺا مون!
اڄا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

جي جاڳان "قمر" ڏور جهالڪي ليا ڙي،
ڪٿي مان، ڪٿي سيڻ، سالڪي ٿيا ڙي،
۽ وڇڙي وطن ويڙهه والڪي ويا ڙي،
اکين مان هيان لڙڪ لاڪا ٿيا ڙي،
ٿڌا ٿر ۾ ٿرين جا ٽاڻا ڏٺا مون!
اڄا اک لڳي مس اباڻا ڏٺا مون!

## عبدالڪريم پلي

غزل

●

وَرَڻ جون وَري وارِ وايُون وَري آ،
اڻيُون اُئين جنڳائين جُدايُون وَري آ.

ڇُڪيءَ ڪيِ چڪيِ ڪيِ، وَيا سال گذري،
اچيِ ڏِي ڪيِ سُرڪيُون سوايُون وَري آ.

وَسي ڪيئي ساوڻ، وَيا موسِمَ ٿيِ،
رَهيُون پو بہ اکيون آجايُون وَري آ.

اگڻ وِيئي وِيڙهيِ، اُميدن جو اولڙو،
ڪٽي ڀاڻ سان ڪيِ، سُهايُون وَري آ.

اسين پيارَ ۾ هارَ پنهنجي مَڃيُون ٿا،
ڇٽي ڪَهڙو هَر هَر پُڏاهون وَري آ.

’ڪريم‘ آهي تنهنجو، نہ توکي ڇڏيندو،
نہ ڪر تنهن سان ناحق ڀيايُون وري آ.

●

آہ و زاري ۾، رات گذري ٿي،
بي قراري ۾، رات گذري ٿي.

جي ميلڻ ٿو ٿيئي تہ هڪ ٻي جي،
غم گساري ۾، رات گذري ٿي.

ڪو اسان ڪان پُڇي تہ ڪهڙي طرح،
انتظاري ۾، رات گذري ٿي.

لوح خواني ۾ ڏينهُن ٿو ٿي پُورو،
عزءداري ۾، رات گذري ٿي.

راهَ ڪنهن جي ’ڪريم‘ ڏسندي روز،
رات ڪاري ۾، رات گذري ٿي.

## عنايت بلوچ

غزل

●

ڪا خبر ڪانہ پئي، ڪيئن ڪھڙي طرح ۽ ڪٿان ٿيا شروع پيار جا سلسلا،
جيئن جلدي وڌيون اکڙيون انڪجي، تيئن تڪڙا نبيريا دلين فيصلا.

جيئن ڏنم پيار ٿيو، ٿي نہ جرئت مگر، هو بہ بيچين ٿيو پر حجابن ۾ هو،
ليڪ اکڙي وڌيس، هُو بہ اوري سُريو، ختم ٿيندا ويا فرق ۽ فاصلا.

پيار جا پيچرا ها ڏنگا ۽ ڏکيا، پر خبر ناهي ڪيئن پار پهچي ويس،
ڪيئن ويون مُشڪلون ميٽجي ريٽجي، ڪيئن طئي ٿي ويا منزلون مرحلا.

ڪين تنهنجي اي ناصح نصيحت ڪبي، عشق سان عقل جو ناهي ڪو واسطو،
توکي تسبيح مُصلو سلامت هجي، تون لہ ڄاڻين محبت سندا معاملا.

هن جي هڪڙي نظر ني هتيڪو ڪيو، پوءِ ڦٽڪيس مگر ڦاسندو ئي ويس،
هُئي ڪا جادوگري ورنہ لظرن اڳيان، ڪيئي گذريا حسينن سندا قافلا.

هن جي وارن جي وڪڙن وڪوڙي ڇڏيو، هن جي پلڪن جي ڇاڇن ۾ ڦاٿجي رهيس،
هن جي نيڻن ۾ نرمل اظارا ڏٺم، هن جي مکڙي ۾ ڳولي لڌم مشغلا.

سرد آهون نہ ڀر، روءِ رڙ ڪينڪي عشق جي هيءَ ادا پئي عنايت اٿئي،
ناهي هرگز لئين ڳالهہ، توکان اڳي، ڪيئي ميٽجي ويا داناءَ ۽ دادلا.

## احمد خان آصف

### ڪافي

ٻيچ پيريَنِ ساڻ پاتي، جن عبادت مون ڪئي،
ديد دلبر سان ملائي، جن عبادت مون ڪئي.

نينهَن نظرن جي وسيلي ٿي ويو پختو ٻڌو،
لوڪ ساري ڪان لڪائي، جن عبادت مون ڪئي.

منهنجي دنيا، عشق ان جي ڪسان سدا گلگون آ،
باغ الفت جو بنائي، جن عبادت مون ڪئي.

دل جي ڏڪن ۽ پساهن روح ۾ ان سان رهاڻ،
ساه ۾ ساجن سمائي، جن عبادت مون ڪئي.

ٻن پيائي ڪي وجهي پارڻ ڪري پاري چڏيم،
سچ محبت جو مچائي، جن عبادت مون ڪئي.

عشق ۾ "آصف" شهادت جو ويو درجو ملي،
ڪنڌ ڦٽرن ۾ ڪپائي، جن عبادت مون ڪئي.

## "خاڪي" جويو

### وائي

پنهنجو نينهن نچي، شال بچي،
ڪاريهر جي ڏنگ ڪان.

سهڻي سائيرَ وچ سان، ويندي ڏانهن ڪچي، شال بچي،
ڪاريهر جي ڏنگ ڪان.

پنهجي گيت سنگيت سان، محفل هيل مچي، شال بچي،
ڪاريهر جي ڏنگ ڪان.

'خاڪي' پنهنجي خيال سان، جيڪو روح رچي، شال بچي،
ڪاريهر جي ڏنگ ڪان.

# ضمير جو قيدي

نه ڪا اُس دل ۾،
نه ڪي ڪا نراس،
نه ڪي خوش گذاريون،
نه ڪڏهين اداس—
مشينن جا پرزا جيئن ٿا هلن،
ائين هن حياتيءَ جو،
چرخو هلي پيو.

نه ڪو مَنَ جي ڳهرائين سان ملي ٿو،
نه ڪي ڪو رُسي ٿو،
نه طعنو ڏئي ٿو.

ڪڏهن ياد پئي جي ڪو پيارو اچي ٿو،
نه هي دل اسان جي،
نه تڙپي اٿي ٿي،
نه ڪا تانگهه، چيڪَ،
ڪائي محسوس ٿئي ٿي.

نه ڪنهن سان عداوت، نه نفرت،
حقارت—

اها بي‌حسي، بدنصيبي اسان جي،
۽ وحشي حياتي،
نه ڪا ٿي نهوڙي نه ٻوڙي اسان کي.

جيئڻ جو اهو جذبو،
جاي پسر ٿي ويو.
مرڻ جي به منشا نه ٿي دل قبولي.
الهيءَ ڪيفيت ۾ وڃون پئي ته ڪاڏي؟
اهو حال جڏهين،
ٿيو آ اسان جو،
زمانو به پنهنجو رهيو ڪين آهي،
ويو يار هرڪو،
منهن پنهنجو مٽي آ—
مان: ساڳيو نه ناهيان،
ڪڏهن جيڪو 'آزاد' پنهنجي هيس،
اندر ۾ هون اُسون،
حسين ها تصور.
جوانيءَ جا جولان! ڇا لئه،
وهيءَ کان اڳي ئي،
ڇڏي سات تون وئين!؟
مان: ساڳيو نه ناهيان، زمانا!
تون سچ ٿو چئين؛
مان: ويهين صدي ۾،
ضميرن جي قيدين سان قيدي،
زنجير پائي ڳهاري رهيو هان،
مات کائي رهيو هان.

خوشبوءِ جي هٿَ ۾ ڏني هٿ
رولاڪ بادل جيان
انَ بنَ ۾ ڀٽڪان پيو
توکي ڳوليان پيو
هوا وانگي منهنجو ڪو در کولهي
ڪو گهر کولهي

تو تہ منڙا آ مون کي وساري ڇڏيو
مگر ياد تنهنجي نہ وسري سگهي آ
ذهن منهنجي جي ڦرهيءَ تان
اڃا تنهنجي جي هيجي نہ مٽجي سگهي آ

تون جڏهن کان ويو آهين وِڇڙي پرين
تڏهن کان مان
ٻهران تہ ٽهڪين جان خوش پيو لڳان
مگر اندرُ منهنجو ليهائين جيئن
جلندو رهي ٿو
دِيڪَ جان دُکندو رهي ٿو

هاڻ توکان سواءِ
آءٌ جيون جو تنها مسافر آهيان
هيڏي وشال ڌرتيءَ تي مائين
منهنجو ڪوئي نہ آ
منهنجو ڪوئي نہ آ

خوشبوءِ جي هٿ ۾ ڏني هٿ
رولاڪ بادل جيان
بنَ انَ ۾ ڀٽڪان پيو
هوا وانگي منهنجو ڪو در کولهي
ڪو گهر کولهي!

انور هالائي — نظم

# تون هي تون

ورد جن جو تون هي تون، تن جو مقدر تون هي تون،
رنگِ دنيا تون هي تون ۽ شانِ محشر تون هي تون.

آئينءِ فطرت جي عظمت ۾ آجاگر تون هي تون،
فڪر، شاعر تون هي تون، ذوق، سخنور تون هي تون.

وحدتا ڪثرت بڻائي، ڪثرتا وحدت ٿين،
وحده' جي وات جو سرواڻ سرور تون هي تون.

ها ۽ لا جي روپ ۾ ساڳيو نفي اثبات آهي،
هر زبان تي نعرهٔ الله اڪبر تون هي تون.

هر جبين ٿي تنهنجي آڏو سر جهڪائي بار بار،
زاهد، شب خيز جو زهد، تفاخر تون هي تون.

عارفان عزم يا تڪيو فقيران هجي،
فڪر دانش ڪان وني موجِ قلندر تون هي تون.

تون هي تون جي وات تي منصور چڙهيو دار تي،
قتل گاهه ڪربلا ۾ زير خنجر تون هي تون.

مسجد و مندر هجي، ديول ڪليسا جو وجود،
سو ٻڏو سو ٿي سڌ، اي بندہ پرور تون هي تون.

جذبهٔ احساس جاڳائي ڪرين ٿو سرخرو،
حوصلن ۾ ۽ ارادن ۾ برابر تون هي تون.

ڇا ڪجي ساراهہ تنهنجي اي خداءِ ذوالجلال،
جنهن وجن تارون، لنوي، ٿو روح 'انور' تون هي تون.

●

جت روح کي رنج آلم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.
جت دل کي درد ستم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.

جت پيار سڻي ٻهرا نہ هجن، جت محبت جا سيرا نہ هجن،
جت ٻرهہ تي ڪو ٻرهم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.

جت محبت پيروا ماڻ هجن، ۽ ٻاسي ٻرين ٻاڻ هجن،
جت اکڙين ۾ آگم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.

جي زخم هجن، مرهم ٻہ هجي، هر درد ۾ ڪو همدم ٻہ هجي،
پل لڙڪ لڙن ٻر غم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا ان ماڳ هلون.

جت قدر سچائي سڏڪن جو، احساس هجي جت لڙڪن جو،
جت ڪوڙي ريت رسم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا ان ماڳ هلون.

جت روساما ٻرچاءُ هجن، ۽ سپرين جا سرچاءُ هجن،
جت قرب سواءِ ڪو ڪم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.

جت هيرن ۾ هٻڪار هجي، ۽ موتين جي مهڪار هجي،
جت مکڙي کا ٻرنم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا ان ماڳ هلون.

ٻر اهڙا پنهنجا ڀاڳ ڪٿي، ٻرا چاهت ٻريا ڀاڳ ڪٿي،
جو پيار ۾ پيچ وخم نہ هجي، هل چاهہ ڇڙيا آن ماڳ هلون.

## شفيع چانڊيو
وائي

ٻـل ۾ ڪيئي ٻـور، او سائين! کهڙا سلجن سور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
ليشن ساڻ هڪ لڙڪ لڙن، ٻيا پرينءَ تنهنجا ٻور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
مُلهه مهانگو تن جو آهي، مُلهه نہ وڪجن سور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
وِلهه ۾ وار وڇايان ساجن، چوٽا پري ڪپور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
تو تہ سک جون سيجون ماڻيون، سون وٽ ٻورئي ٻور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
تِن لئہ چاڙ جيئڻ ٿيو جڳ ۾، دلبر جن جا دور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
سُورت جڪا مَن کي موهي، تنهن جو مُلهه نہ سور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
آهن ساڻ سڀ آٿلي ٻيڙا، لينهن سدا لاسور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.
ڪنهن کي ڪيئن سڻائي سگهجن، محبت جا مذڪور،
او سائين! کهڙا سلجن سور.

## ذوالفقار سيال
غزل

سڀ تنهنجا سور ٻرايا سين،
هاڻ دل جا درد وڌايا سين.
هي شهر لڳي ٿو مقتل جئن، هر چونڪ تي ڦاها ٻاياسين.
خوددار رهياسين، سر نہ جهڪيو، ڪنڌ سرڪي ٻاڻ ڪٽاياسين.
انصاف نہ خيراتي ڪهرجي، زنجير ڪڏهن کڙڪاياسين؟
اي سچ! سدائين تنهنجي لئہ، هٿ ٻنهنجي ڪڙا پاياسين:
ڪنهن سمجهو لاهي زلف، اجان،
چو ٻاڻ تي ڪات وهاياسين.

## سارنگ

توساڻ ملي ٻہ اداس آهيان اڄ،
دل کولي روئڻ ٿو چاهيان اڄ.

توکي ويٺو ڏسان ۽ ڪجھ نہ ڪڇان،
نظرن نظرن ۾ ڳالهايان اڄ.

رُت جي رلڪن سان رنگ چورائي،
تنهنجي تصوير سان ٺاهيان اڄ.

ڪير ڄاڻي تہ ڪڏهن ملنداسين،
آئون توکي ٿو چمڻ چاهيان اڄ.

## زيب ڀٽي

### نظم

ليٽ لرمل،
چهرو ڪومل،
سرير شيتل،
چال چنچل —
محسوس ڪير،
ويجهو ويهي،
ٻہ ن جو ڇهاءُ!
ڪومل بدن،
چنچل ٻون،
من تنهنجو —
شيتل شيتل،
من منهنجو —
پاڳل پاڳل،
آهي ازل کاڻ،
تنهنجو —
گهايل گهايل.

تون —
آڇنتا ۽ ايلورا،
جي غارن ۽ غفائن،
جي ديوي —!
دجلو دريا،
ايل لہ ي،
گنگا، جمنا،
سنڌوءَ جي —
جل ٿل ۾،
ڏوتل پوتل —
تنهنجو بدن،
ڪُل بدن —
مٽيءَ جو کهڙيل،
چاهت جو جڙيل —

تنهنجي ميتلتا،
تنهنجي سنہ رتا،
جڳ جُڳ کاڻ —
جوت جلائي،
موڻ ڪي —
اولداهيءَ ۾،
روشنيءَ جي —
ڏِسَ ڏيکاري.
تون پايل —
تون جهنڪار،
تنهنجي ڇير ۾ —
جنم جنم جي،
پايان ٻڪار —!
تون سُر سنگيت،
منهنجو گيت —!
منهنجو ميت —!!

## اياز گل

وائي

ٽوڪان ٽيندي ڏارَ،
ڪُلندي ڪُلندي يارَ! لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

تُنهنجي ٻوليان ڪير امان جي
سُهڻين! لهندو سارَ لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

سَاهُ ۾ تُنهنجن ساهن جي
اڃا پي آ، مهڪار لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

رات ڪُٽي ۽ ٻاڪ ڦُٽي وئي
ڇنهن پر ويڙهيئي وارَ. لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

پاڻيءَ تي جڻ ليڪا ها
تُنهنجا قولَ قرارَ! لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

وري مِلڻ جي مهلَ وري
شال هيٺين جا هارَ. لُڏڪ لڙي پيا لارَ ڪري.

## مهر پروين

ڪافي

ٻيارا پرين ور سکهو واڳ واري،
جيان ٻئي سڄڻ يار تنهنجي سهاري.
ڦڪي ليڻ پيا تنهنجون واٽون لهاري،
ڪڏهن موٽي ايندين، وطن واڳ واري!
هيءَ دردن ڀري دل سڄڻ توکي ساري!
وڇوڙي ۾ تنهنجي، ڏکيا ڏينهن گهاري.
سنڌي ياد ۾ جا هنجهون روز هاري!
ڪري ڪنهن کي سڏڙا ۽ ڪنهن کي پڪاري؟
نہ مهروءَ کي محبوب ويهجان وساري!
ڪيل قول پنهنجا پرين وچ تون پاري!

## مرحب قاسمي — آزاد نظم

اڻ ڏٺل
پراڻيون ڪٿائون منهنجي ذهن مان
منجهي ويون
۽ ڪو
وقت اڳتي وڌي ويو.

مون
جبلن جي اتاهين ڪنگرين تان
ڪرندڙ پاڻيءَ ۾
پنهنجا پير پاڻي ڏنا
مون کي محسوس ٿيو
وقت بيٺو آهي هڪ هنڌ-

دريائن جي وهڪ ۾
وهي ايندڙ
ڪنڪرن جي هيٺان
پاتار ۾ پيل
پٿرن جي مٿان
پاسو ورايو
هو ستو پيو آهي هڪ هنڌ-

اڻ گهڙيءَ هو مون سوچيو!
"وقت ستو پيو آهي صدين کان ۽ اسين
جاڳون پيا."

## تهمينه مفتي — آزاد نظم

ساگر تي ڇولين سان ڪيڏله ي
سوچيو هو مون
واريءَ جو گهر ٺاهيندي
سوچيو هو مون
آلي واري تي نالو تنهنجو لکندي
سوچيو هو مون
ڇولين جي لٿي تي ڇهولڪارينه ي
سوچيو هو مون
تون ڪيت امر ڏينهن
سوچيو هو مون
۽ ڌوالي تي بيٺي سوچيو مون
نالو تنهنجو واري تان ڊاهي ڇڏيان ماڻ
نالو تنهنجو وري لکي ڊاهي
ڇڏيان مان.

نورالهديٰ شاهہ

آزاد نظم

## هارٽ اٽيڪ

درد صدا ڏني نہ آيو هو
جسم سڄو پٿر هيو
هٿ هئا، سي صليب جيان ٽنگيل هئا
درد، ليڙو ڪنيو
دل لڱر ۾ ٻي رقص ڪيو
ڪيترين يادن جا ٻخيا، هڪ هڪ ڪري
آهه ڙجندا ٿي ويا
ڪيترا سڏ هيا
لڙيءَ ۾ کهنجندا ٿي ويا
دل هئي، سا ڪيڏي تنها هئي
ڪو بہ مسيحا نہ هو پاسي ۾
جو ڪٿي درد کي پٿر هڻي
درد هو، سو ڊوڙندو ٿي ويو
دل لڱر جي کهنيءَ کهنيءَ ۾
ڪيترا چهرا هئا، روشن ٿي اجهامندا ٿي ويا
ڪيترا پاڇولا هئا، جي مون جهلڻ ٿي چاهيا
مون کان وڇڙندا ٿي ويا
ڪو زهر بہ نہ هو مٽ ۾
جو ڪٿي پل اپل لاءِ آپگهات ڪجي
ڪو پٿر بہ نہ باقي رهيو هو
جو ڪٿي پنهنجو پاڻ سنگسار ڪجي
پوءِ دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾
تنهنجو چهرو مسيحا بڻجي آيو هو
درد هو سو کهنجندو ٿي ويو.

شاني — نظم

تنهنجون راهون جدا جدا،
منهنجون راهون جدا جدا.

تنهنجو، منهنجو ساٿ ڪيئن ٿيو،
پل ٻه پل ئي وڇڙي ويو.

توکي هردم پنهنجو ڄاڻم،
تولاءِ هردم ڪهڙي ڳالهه.

سُر ٽٽي پيو ساهه رکي پيو،
تنهنجو، منهنجو ساٿ ٽٽي پيو-

عابد مظهر — آزاد نظم

## پيار جو ٻڪيو

هو آيو هو اوچتو
ڪلهه جهوپڙيءَ منهنجيءَ
پر ڏسي ڏِلگر رکيل
در تي منهنجي
ويو هليو.
اوچتو ڳڏجي ويو اڄ
مون کي چيئين:
ڪٿي آهين
ڪلهه مان آيو هئس تنهنجي گهر
پر تون ڪو نه هئين
ويو هئين رلڻ ڪٿي
مون ورائيو:
رلندو آهيان
ويندو آهيان
ملندو آهي جتي خلوص
جو ته آهيان مان
ٻڪيو پيار جو.

عزيز مهراڻوي — آزاد نظم

پرائيويٽ جهنم
ڪنپير اڪيلائي
خود ترسي
پرسنلٽي ڪلٽ
نراسائي
مبهم ڊپ
لفظ ئي لفظ
احساس جو الٽ

●

ڪجهه عرصو اڳ
مون کي ياد آهي
آئون ڪجهه به نه هوس
هن گهڙيءَ
سوچيان ٿو
سڀ ڪجهه آهيان
پل ڪان پوءِ
سمجهان ٿو
ڪجهه به نه رهندس.

## نثار بزمي

گيت

مسافرا وِڪَ وِڪَ تي تہ نہ ويھہ،
مسافرا وِڪَ وِڪَ تي تہ نہ ويھہ!

رات انڌاري پوري ٿيندي،
صُبح جو ليڪ سنيھو ڏيندي،
سارو جڳ ھي جاڳي پوندو،
ڀاڪ لرالو لور ڇٽيندي،
پوندو تنھنجي ڇاتيءَ اندر ڪونہ وري ڪو ڇيھہ،
مسافرا وک وک تي تہ نہ ويھہ.

جيڪي آھي اڳتي آھي،
پَٺَ ۽ پولا ڇڏِ تون لاھي،
سوڳي من سان جيئڻ ڪھڙو،
اھڙو من ڪنھن ڪم جو ناھي،
ويھڻ ۽ وڃڻ سان پنھنجو ڪيئن تون ڏسندين ڏيھہ،
مسافرا وک وک تي تہ نہ ويھہ.

تتيءَ ٿڌيءَ کي ڏسبو ڪونھي،
قسمت کي ڏس پنبو ڪونھي،
پنھنجي سھنجي ڪر تون ساٿي!
ھٿ تي ھٿ ڌري وِھبو ڪونھي،
پاڻيءَ تاڻ وچ آڏِري جوڙا! پھچڻ پر تون پيھہ،
مسافرا وک وک تي تہ نہ ويھہ.

ھر ھر ساھي پٽبي ناھي،
وات وِھڻ سان ڪٽبي ناھي،
ليڙَنڊو ٿاپڙندو ھل اڳتي،
منزل پنھنجي مٽبي ناھي،
ڪر وڏائي پنھنجا 'بزمي'، سک جو لھہ ساڻيھہ،
مسافرا وک وک تي تہ نہ ويھہ.

ناظم منگي

## غزل

●

مريء حسن جو اج آشڪار ٿي ڏسبو،
نصيب آزمائش لئہ تيار ٿي ڏسبو.

رضائي يار ۾ آ هر سزائي پيار قبول،
اسير عشق جو پڇجي لشار ٿي ڏسبو.

سفينو پيار جو توڙي ڪنڌي رسي نہ رسي،
تہ بہ ناخدا جي هٿن جي مهار ٿي ڏسبو.

صنم هزار حسينن جا پيا سٺل آهن،
نگاهہ ناز جو باقي شڪار ٿي ڏسبو.

طبيبِ حسن جو صاحب هجي شفا نہ ڪبي،
دوا ڪري نہ ڪري دلفگار ٿي ڏسبو.

قرار ياد خدا ۾ ڪسي اڙي واعظ،
وصال يار لئہ ڪجھہ بيقرار ٿي ڏسبو.

حياتي عشق ۾ گذري تہ ڏوھ کھڙو ٿيو،
ڪنهين دل جو مسيحا قرار ٿي ڏسبو.

مهانگي آهي ٿي پئي پارسائي اي همدم،
نظر جو روزو ڪڏهن توڙي، پار ٿي ڏسو.

سڄڻ جي گهر کي اي زاهد طواف ڪرڻو آ،
اجا ڪو ڏينهن تہ چڱو گنهگار ٿي ڏسبو.

نوازي يا نہ نوازي ڪٿي سڄڻ "ناظم"،
مگر غلام تہ پوري چمار ٿي ڏسبو.

## محمد اسحاق راهي

غزل

●

وڃن ٿا ٻار اڄ محفل مان، ٻارن کي تہ سمجهايو،
بهارون موڪلائن ٿيون، بهارن کي تہ سمجهايو.

گلن جي آرزو خاطر چمن ۾ پير پاتو ٿم،
لڳن ٿا خار دامن سان، خارن کي تہ سمجهايو.

سهارن جي سهاري تي تپيس بحر تلاطم ۾،
ڪنارا ٿا ڪنارا ڪن، ڪنارن کي تہ سمجهايو.

چڙي بحر خطر ۾ تي مخالف ناخدا ويو آ،
سهارا ٿا ٿين دشمن، سهارن کي تہ سمجهايو.

ڪري بجلي آ منهنجي پيار واري آشياني تي،
شرارت ڪئي شرارن آ، شرارن کي تہ سمجهايو.

ڏيو وقت ملاقات آ تہ ليڪن نند جاڳي آ،
محبت جي اکين وارا، خمارن کي تہ سمجهايو.

غضب انداز اکڙين جا، ڪٿهن ٿا اڻ سينگاريل،
سڄي محفل ٿي تڙپي ڪجهہ اشارن کي تہ سمجهايو.

اچا آ موسم گل ۾ قرارن موڪلايو آ،
بهارو! پاڻ ٿي پنهنجن قرارن کي تہ سمجايو.

بجا ذڪر حرم ليڪن ڪڏهن ذڪر صنم بہ ٿئي،
حرم وارا! توهان ڪجهہ ديندارن کي تہ سمجهايو.

اسان محبوب کي پوڄيو تہ ڪافر ٿو سڏي واعظ،
مزارون پوڄجن ٿيون، عشق وارن کي تہ سمجهايو.

فلڪ وارا بہ رخنو ٿي پيا آرام ۾ آهن،
ڦٽائن ننڊ ٿا منهنجي، ستارن کي تہ سمجهايو.

نوان ٿي لينهن لاها اڄ اسان هڪٻئي سان او ”راهي“،
رقيب روسيہ جي انتشارن کي تہ سمجهايو.

## نظم

مير محمد پيرزادو

من-مندر جون پٽيون پوريا–
هلڪ اکين جا ڳورا ڳورا–
سارا لڳ چڪن،
سُوٽُون سور ڏِيَن،
سارو جيون، ساوڻ ۾ چڻ، ڪاري واري ڏينهن تتو–
توکي هيڙا جو نہ پتو!

منهنجو من منڊيري ۽ والڪي–
جَبَل جلي ٿو ڪنهن جي سالڪي–
لُڪَنِ لُوساٽيو،
ٽُنَنِ ٻُوساٽيو،
پوءِ بہ تولئہ سيج بڻاير، هيلا هيلا گل جهلي–
ڍوليا اڄ بہ سيج ڍلي!

ماريون راتيون ڪاريون ڪاريون–
ٿالڊائي جيئن ڀاڱ ڪي هاريون–
ڏيئا اجهاڻا،
پوءِ بہ نہ جاڻا،
اميد لماڻا، اوسيئڙو جو ڪين ڇڏن ٿا لاهي–
ڪير بہ ڪنهنجو ناهي!

تيڏے قدمان تون قرباني وے،
ٿيوان مينڍا، سئين ميراني وے.

وه واه سڄڻ هئيي چال عجب،
تون ڪو ڀڄهيالدا، لڇپال عجب،
سهڻ، رب دي، جوڙ جمال عجب،
ڪيتو دلڙي يار، ديواني وے.

سيڏے سر دا سئين، شالا خان جيوين،
آ، ويڙهے ٿيي، مهمان جيوين،
جنہ کھول کتھان، تے جان، جيوين،
تيڏي نور لڳم، مستاني وے.

ڦئے سال ٻهون، ستپليندي ڪون،
ٻهه راه تے، راه پلينهي ڪون،
مشين سيکهي، جان، ڳلينهي ڪون،
مل، ”خان ٻنهل“، لاثاني وے.

ايه هجر، وصال دا ويري اے،
”هان“ مولجها، سر وچ ڦيري اے،
تن پالپڙ، ڪولا ڪيري اے،
هر سمنے، سڪ سلطاني وے.

جنهان ڳليان چون، لنگھ آوين تون،
پيا عنبر، مشڪ ڪيندالوين تون،
هر حال دے وچ، من پاوين تون،
تيڏي ديد، ميئي دل جاني وے.

آ يار، وسا، ول جهوڪين ڪون،
ڪر ساوا، سڃڙئين، جهوڪين ڪون،
ڪيا حال سڻاوان، لوڪين ڪون،
ڏکي پردا، برهه بياني وے.

[سرائڪيءَ ۾ لکيل]

ڇڏيو آهي، جنهن تي هوءَ پنهنجي السانيت ۽ آزاد خياليءَ جا چٽ ڇڏي ٿي، ۽ ٻوءِ امان ڪي هن عظيم دولت جي حفاظت ڪرڻي آهي، جيئن ڪنهن سنڌ جي پٽ فقير چيو آهي:

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏينهو،
سهڻو ڪير سهار او ٻار.

[12-اپريل 1974ع تي، ڪراچيءَ ۾، شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان سڏايل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي انگريزيءَ ۾ پڙهيل پيپر.]

— ترجمو: ڊاڪٽر الله وڏايو سهاڳ
— نظرثاني: ولي رام ”ولڀ“



قاضي قادن جي بيت جي معنيٰ ٿيندي: دوست توڙي دشمن، ٻئي جهڙيءَ چون (تن جي چوڻ تي لڳي) متان کي خراب ڪرڻ نه ڪجي.

[بيت 94]

متن ڀانئيں سونُ، هي جر پوسُ جرڪنُون،
ورين ورائي ونُ، ڪنهن لڳي ڪارو ٿئي.

نڪر صاحب لکي ٿو: سون هن چمڪندڙ پاڻيءَ کي، سونُ ڪري سمجهو. (هٿ لائڻ سان) اهو سون کي ورائي ويو ۽ مٽي لڳي، ڪارو ڪري ڇڏيائين.

متن = سون. ڀانئي = سمجهو. جر = پاڻي. جرڪڻون = چمڪندڙ.

نڪر صاحب جي معنيٰ واقعي ٺيڪ آهي، پر هڪ لفظ "پوس" جي معنيٰ ڪانه لکي اٿس. اهو "هوس" لفظ آهي.

اهو لفظ 'پوس' اصل ۾ "هسا" آهي، ۽ سنسڪرت "هوشن" جنهن جي معنيٰ آهي: "سچ"(۱).

جرپوس جرڪنون = سچ تي چمڪڻ وارو پاڻي.

**معنيٰ ٿيندي:** هي پاڻي، جيڪو سچ (جي ڪرڻن) سبيان چمڪي پيو، تنهن کي (غفلت کان) سونُ ڪري سمجهيو.

"ڪهه" لاءِ ڏسو هن مضمون جو بيت نمبر 10

(هلندڙ)



(۱) هندي شبد ساگر جلد چوٿون صفحو 2378 – ناگيري پرچارڻي سڀا ڪاشي.

جي زبان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي، ۽ اها فقط خوش فهمي آهي. هن دعوا مان سنڌي ٻوليءَ کي ڪو به فائدو ڪونه پهچندو. هن قسم جي جملن لکڻ مان لئين لسل ڪنهن گمراهه ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. پڙهندڙ ڀاڻ سوچين ته:

”اٿيو آهيان لنبه مان. آئي هاڻي هلان ٻيو رستي تي،“

جملي ۾ جهيلار واري اهم اقطي کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي يا نه؟ ڪا به ٻولي جهيلار واري اصول کان سواءِ ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ جو مفهوم ظاهر ڪري نه سگهندي، تنهنڪري جهيلار جي مفهوم کان سواءِ هر جملو غير فطري ۽ هر سٽاءَ فقط ڪن لفظن جو اهڙو ميڙ سمجهبو جيڪو بي معنيٰ ۽ بي مقصد هوندو، يعني اهي جملا، جن ۾ ڪو به مفهوم ۽ ڪو به مقصد نه هجي.



ورتمان ڪرتري ڪردنت (اسم حاليه) ۽ ماضي معطوفي روپن ۾ لاءِ لازمي فعل-ٽڙن کي لڳندڙ پڇاڙيون ڪتبءَ آهن. مثال طور:

صيغو مضارع: هلان (لازمي)، لکان (متعدي)، ماريان (متعدي).

ورتمان ڪرتري ڪردنت هلندو (لازمي)، لکندو (متعدي)، ماريندو (متعدي).

ماضي معطوفي: هلي (لازمي)، لکي (لازمي)، ماري (متعدي).

## 3.2 فعل-ٽڙن جي بناوت ۽ سندن قسم

فعل-ٽڙن جي بناوت جو سرشتو هيٺ ڏنل نقشي جي مدد سان چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي ويندو.

### فعل-ٽڙن جي بناوت جو سرشتو



**ڏگھڙو خان:** هي ٽنڊي مستي خان جي باني رئيس مستي خان ثاني جو پاٽ ۽ بهادرخان جو فرزند هو. جڏهن مستي خان ثاني پنهنجو ٽنڊو ٻڌو، تڏهن ڏگھڙو خان به پرسان هڪ ڳوٺ ٻڌي ويٺو. هو هڪ وڏو پهلوان ۽ بيباڪ مرد ٿي گذريو آهي. اڪبرن جي پيرن جو مريد هو. ڪرڙي جي جنگ ۾ پنهنجي پاٽيي محبت خان سان گڏجي لڙيو هو ۽ ڏاڍا شجاعت جا جوهر ڏيکاريا هئائين (1). لوهارين واري جنگ ۾ مير رستم خان جو طرفدار هو. سندس پوٽو غلام علي خان ولد غلام نبي خان ميرن جو ڪاردار هو ۽ وڏي جرات وارو سردار هو. غلام علي خان جو فرزند رئيس رسول بخش خان به هڪ پڙهيو لکيو ۽ قربدار ماڻهو ٿي گذريو آهي، هن ڪوشش وٺي مري خاندان جو شجرو تيار ڪيو، جيڪو سندس فرزند غلام الله خان ۽ عبدالحسين خان وٽ محفوظ آهي.



(1) زباني روايت رئيس باقر خان ساڪن ٽنڊو مستي خان.

تعمير ڪرايا، جن تي نقاشي ۽ خطاطيءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي. خداآباد جي مسجد، ميان شاهل محمد جو مقبرو، حيدرآباد ۾ ڪلهوڙن جا مقبرا، سنڌ جي لافاني صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو مقبرو ۽ مسجد توڙي ٻيون تاريخي جايون، هن دؤر جا بهترين يادگار آهن. سنڌ ۾ ڪاشيءَ جي ڪم جو رواج اڳ ۾ ئي هو، ليڪن ڪلهوڙن جي زماني ۾ ان وڏيڪ ترقي ڪئي. ڪاٺ تي چٽساليءَ جو ڪم به ان ئي دؤر ۾ عروج تي هئو.

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ اندر هر ڪنهن قسم جي علم ۽ فن ترقي حاصل ڪئي، ۽ حڪمران جي طرفان انهن جي سرپرستي ڪئي ويندي هئي. هي دؤر علم ادب، تهذيب ۽ ثقافت جي لحاظ کان سنڌ جي تاريخ ۾ بهترين ۽ سوابري دؤر ڪري سمجهيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ ٻين علمن ۽ فنن سان گڏ خطاطيءَ جي فن کي ڀي ڪافي هٿي ملي. ڪلهوڙن جي دؤر جي خطاطي ۽ خوشنويسيءَ وارو رنگ مغل دؤر جي اثر جو ڪافي نتيجو آهي. ڪيترائي وڏا مشهور ڪاتب ۽ خوشنويس هن دؤر ۾ پيدا ٿيا. مير علي شير "قانع" ٺٽوي، "تحفةالڪرام" ۾ اهڙن ڪيترن ئي خوشنويسن جو احوال بيان ڪيو آهي. محمد عالم بن محمد پناهه ٺٽوي هن دؤر جو وڏو مشهور خطاط هو. هن جا ڪيترائي هٿ جا لکيل ڪتاب مير علي شير "قانع" خود ڏٺا هئا، جي خوشنويسيءَ جي فن جا الموَل شاهڪار هئا.

ڪلهوڙن کان پوءِ سنڌ ۾ ٽالپرن جي بادشاهي شروع ٿي. سن 1782ع ۾ هالاڻيءَ جي ميدان تي فيصلي ڪُن لڙائيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ باقاعدي ٽالپر گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو. هن گهراڻي جو پهريون حاڪم مير فتح علي خان ٽالپور هو.

ٽالپور حڪمران علم دوست، صاحبِ ذوق ۽ هنرنواز هئا. سندن دؤر ۾ سنڌ اندر ڪيترائي مدرسا ۽ خانقاهون موجود هيون. انهن مدرسن ۽ خانقاهن ۾ وڏا ڪتبخانا قائم هئا. "مولائي شيدائي" لکي ٿو ته ٽالپورن جي زماني ۾ سنڌ جي مدرسن ۾ قرات، نجوم، جعفر، تاريخ، حڪمت ۽ "علم الخط" جي تربيت ڏني ويندي هئي. وڏا وڏا خطاط ۽ خوشنويس انهن مدرسن جي ڪتبخانن ۾ رهندا هئا، جتي ڪتابن جا نسخا لکرايا ويندا هئا. ٽالپور حاڪمن جي قدرشناسيءَ کان متاثر ٿي، ڪيترائي خطاط ايران ۽ هند کان هلي اچي دربار ۾ رهيا. انهن خطاطن لاءِ شاهي خزاني مان لوازمات مقرر ڪيل هوندا هئا.

جڏهن ٺٽي لنگر جو اهو اڳوڻو شان ۽ شوڪت گهٽجي ويو، ته انهن ڪيترائي عالم، اديب، شاعر ۽ صاحبِ فن حيدرآباد جي ٽالپوري دربار ۾ اچي ڪٺا ٿيا. سنڌ جي ٽالپور حاڪمن جا ايران سان گهرا تعلقات قائم هئا. انهن تعلقاتن جي ڪري آتان سيد علي شيرازي، مير حسن علي نقاش، علي بابا شيرازي، غلام احمد خطاط، علي مراد خطاط ۽ سيد محمد رضا حسيني مشڪين ٽالپوري دربار ۾ اچي جمع ٿيا ۽ سنڌ ۾ پنهنجي فن جا لافاني يادگار ڇڏيائون(1).

(1) M. A. Ghafur- The Callgraphers of Thatta, PP 57.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.